# حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام

## جي مبارڪ زندگي

21 December 2017



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي مبارڪ زندگي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

**نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاوي شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو) .

## دُرُودِ پاڪ جي فضيلت

ٻنهي جهانن جي مالِڪ ۽ مُختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فَرمانِ دِلنشين آهي: اي انسانو! بيشڪ قِيامت جي ڏينهن ان جي دَهشتن ۽ حِساب ڪتاب مان جَلد نَجات ماڻڻ وارو شَخص اهو هوندو جنهن توهان مان مون تي دُنيا ۾ ڪثرت سان دُرُود شريف پڙهيا هوندا. (فردوس الاخبار، ۲ / ۴۷۱،حديث ۸۲۱۰)

پڑھتا رہوں کثرت سے دُرود اُن پہ سدا میں
اور ذِکر کا بھی شوق پئے غَوث و رَضا دے
(وسائل بخشش مرمم،ص۱۱۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي .

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ چِڙٻ ڏيڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُواللّٰه , تُوبُوا اِلَي اللّٰه! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اللّٰه تعاليٰ ماڻهن جي هدايت ۽ رَهنمائي جي لاءِ جن پاڪ ٻانهن کي پنهنجا اَحڪام پهچائڻ جي لاءِ موڪليو انهن کي ”نبِي“ چئبو آهي، اَنبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام اهي بَشَر (اِنسان) آهن جن وٽ اللّٰه تعاليٰ جي طرفان وَحي ايندي آهي. اها وَحي ڪڏهن ملائڪ جي ذَريعي ايندي آهي (۽) ڪڏهن بي واسِطہ (يعني بغير ڪنهن ذَريعي جي). نبي سڳورا عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام گُناهن کان پاڪ آهن (۽) انهن جون عادَتون نِهايت پاڪيزه هونديون آهن. انهن جو نالو، نَسَب (خانداني سِلسِلو)، جِسم، قَول (ڪلام)، فِعل (ڪم)، حَرَڪات و سَڪنَات (عادتون ۽ طريقا) سيني کان اعليٰ دَرَجي جا ۽ نَفرَت ڏيارينڌڙ ڳالهين کان پاڪ هوندا آهن، انهن کي اللّٰه تعاليٰ ڪامل عَقل عطا فرمائيندو آهي. دُنيا

www.dawateislami.net

جو وڏي ڪان وڏو عَقلمَند (Intelligent) انهن جي عَقل جي ڪروڙوين دَرَجي تائين بہ نٿو پهچي سگهي. انهن کي الله تعاليٰ غَيب جي ڳالهين کان آگاهہ ڪندو آهي، اهي رات ڏينهن الله تعاليٰ جي اِطاعت ۽ عِبادت ۾ مَشغُول رهندا، پانهن کي الله تعاليٰ جو حُڪم پهچائيندا ۽ ان جو رَستو ڏيکاريندا آهن. انهن نبين سڳورن عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام مان جيڪي نئين شَرِيعَت کڻي آيا انهن کي رَسُول چيو ويندو آهي. اَنبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي رتبن (يعني دَرَجن) ۾ فَرق آهي. بَعض جا رُتبا بَعض کان اَعليٰ آهن. سڀني کان وڏو رُتبو اسان جي آقا ۽ مَوليٰ، سَيدُ الاَنبِيا، محمدِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو آهي. رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خَاتَمُ النَّبِيين (سڀني کان آخِري نَبِي) آهن. اللّٰہ تعاليٰ نُبُوَّت جو سِلسِلو حُضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي خَتم ڪيو آهي. حُضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان پوءِ ڪنهن کي نُبُوَّت نٿي ملي سگهي. جيڪو شخص پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان پوءِ ڪنهن کي نُبُوَّت ملڻ جائز سمجهي اهو اِسلام جي دائري مان نڪري ويندو آهي. (ڪتاب العقائد، ص۱۵تا۱۷،بتغير)

اچو! اج اسان الله عَزَّوَجَلَّ جي نَبين مان هڪ نهايت ئي مُحتَرَم ۽ مُڪرّم نَبي حضرت سَيدُنا عيسيٰ رُوحُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي مُبارَڪ زِندَگي جا ڪجھ اِيمان اَفروز واقِعا ۽ سندن مُعجِزن جي باري ۾ پڙهڻ جي سَعادَت حاصِل ڪنداسين پر ان کان اڳ ۾ سندن عَلَيهِالسَّلَام جو تَعَارُف ۽ سندن فضيلتون پڙهون ٿا، جيئن

## حضرت عيسيٰ عَلَيهِالسَّلَام جو تعارُف

حضرت سَيدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام مُبارَڪ نالو عيسيٰ، اِبنِ مَريم سندن ڪُنيت آهي. (تذڪرة الانبياء، ص۶۵۸) ڪلِمَةُ الله (بغير پيءُ جي واسطي جي محض الله پاڪ جي ڪلمه **ڪُن** سان پيدا ٿيڻ وارا)، مَسِيح( ڇهڻ سان شفا ڏيڻ وارا) وَجِيه، ( قدر ۽ منزلت رکڻ وارا)، مُقَرَّب ( الله ڪريم جو قرب پائڻ وارا) ۽ صَالِح ( نيڪ ٻانهو) سندن جا لقب آهن. (تذڪرة الانبياء، ص۶۵۵) اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي پياري نبي، مڪي مَدَني صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي شان ۽ عظمت کي انتهائي شاندار انداز ۾ بيان فرمايو آهي ۽ قيامت جي ويجهو پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي تشريف

آئڻ ۽ ان جي نشانين کي بہ بيان فرمايو آهي.اچو! بَرَڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ 3 فَرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌون ٿا، جيئن

اِرْشاد فرمايائون: مان پنهنجي پيءُ حضرت اِبراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي دُعا آهيان ۽ سڀ کان آخِر ۾ منهنجي خُوشخبري ڏيڻ وارا حضرت عيسٰي اِبنِ مَريم عَلَيْهِ السَّلَام هئا. (کنزالعمال،کتاب الفضائل،فضائل نبینا محمد ...الخ، ۱۸۲/۱۱،حدیث: ۳۱۸۸۶ )

ارشاد فرمايائون: منهنجي ۽ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي وچ ۾ ڪو نَبِي ناهي،هو (قُربِ قِيامت ۾ آسمان تان) لهندا، جڏهن توهان انهن کي ڏسندؤ تہ سڃاڻي وٺندؤ، سندن رَنگ سُرخِي مائل سَفيد هوندو،قَد وچولو هوندو،هو هلڪي پيلي رَنگ جا بہ (2) حُلّا (لِباس) پهريل هوندا، انهن تي تَرِي نہ هوندي پر ڄڻ تہ مٿي مان پاڻي جا قَطرا ٽمي رهيا هوندا، هو خِنزِير کي قَتل ڪندا، الله تعاليٰ انهن جي زَماني ۾ اِسلام جي عِلاوه باقِي سمورن مَذهبن کي ختم ڪري ڇڏيندو، حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام مَسِيح دَجَّال کي هلاڪ ڪندا، چاليھ سال زمين ۾ قِيام ڪرڻ (رهڻ) کان پوءِ وَفات ڪري ويندا ۽ مُسَلمان انهن جي جنازي نماز پڙهندا.
(ابوداود،اول کتاب الملاحم، باب ذکر خروج الدجال،۱۵۸/۴،حدیث: ۴۳۲۴ ملتقطاً)

اِرشاد فرمايائون:الله تعاليٰ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي موڪليندو تہ هو جامِع مسجِد دِمَشق جي سَفيد مَشرِقِي مَناري تي هن حال۾لهندا جو پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام هلڪي پيلي رنگ جا بہ حُلّا (لِباس) پاتل هوندا ۽ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام ٻن (2) ملائڪن جي ٻانهن تي هٿ رکيل هوندا، جڏهن پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام مٿو هيٺ ڪندا تہ پاڻي جا ڦڙا ٽمي رهيا هوندا ۽ جڏهن پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام مٿو کڻندا تہ موتين وانگر سَفيد چاندي جا داڻا ڇڻي رهيا هوندا. (مسلم،کتاب الفتن واشراط الساعۃ،باب ذکر الدجال...الخ،ص۱۲۰۱، حدیث: ۷۳۷۳، ملتقطاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيدُنا عيسيٰ رُوحُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي مُبارَڪ زِندگي جو هڪ روشن پهلو هي بہ آهي تہ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام نِهايت ساده طَبِيعَت جا مالِڪ هئا ۽ عاجِزِي ۽ انکساري جي لازَوال دَولت سان مالا مال هئا، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام چاهن ها تہ وڏي عيش عشرت سان زِندگي گذارين ها، مال ۽ دَولت

www.dawateislami.net

جو اَنبار (Heaps of wealth) جمع ڪري ونن ها، تمام مهانگو لِباس پائن ها، عُمده عُمده ڪاڌا ڪائن ها ۽ عاليشان مَحَل ۾ رهائش اِختِيار ڪن ها پر قُربان وڃجي! پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام جي سادَگي تي جو پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام هرگز ائين نہ ڪيائون، بلڪ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام فانِي دُنيا جي راحَتن ۽ آسائشن کي ڇڏي عيش ۽ عشرت سان زِندگي گذارڻ بدران هميشہ سادَگي ۽ عاجِزي ۽اِنڪساري واري زِندگي گذارڻ کي تَرجيح ڏني ۽ ٻين کي بہ ان جي تَرغِيب ڏياريندا رهيا، جيئن تہ،

## حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي سادَگي ۽ نصيحتون

حضرت سَيِدُنا عُمر بِن سُلَيم رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو حضرت سَيِدُنا عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي حَوارِين (يعني پنهنجي اصحابن) وٽ هن حالت ۾ تشريف کڻي آيا جو سندن مبارڪ جِسم تي اُن جو جُبّو ۽ هڪ عام شَلوار هئي، پيرين اگهاڙي هئا ۽ مٿي تي بہ ڪو ڪپڙو وغيره نہ هو، بُک جي ڪري سندن رنگ بدلجي ويو هو ۽ اُڃ جي شِدَّت سبب چپ بلڪل سُڪي چُڪا هئا، پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجن حَوارِين کي سلام ڪيو ۽ فرمايائون: اي بَنِي اسرائيل! جيڪڏهن مان چاهيان تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي حُڪم سان دُنيا (پنهنجن) تمام نعمتن ساڻ منهنجن قَدَمن ۾ اچي وڃي پر مان هن ڳالهہ کي نٿو پسند ڪيان. اي بَنِي اِسرائيل! توهان دُنيا کي هميشہ حقير (گهٽ) سمجهو، ان کي ڪا عزّت نہ ڏيو اها پاڻ توهان جي لاءِ نَرم ٿي ويندي، توهان دُنيا جي مَذمَّت ڪريو توهان جي لاءِ آخِرَت سَنواري ويندي، ائين ڪڏهن بہ نہ ڪجو جو توهان آخِرَت کي بلڪل وساري ڇڏيو ۽ دُنيا جي تعظيم ۽ تَوقِير ڪريو، بيشڪ دُنيا ڪا اِحترام لائق شيء ناهي جو ان جي تعظيم ڪئي وڃي. دُنيا تہ توهان کي هر روز ڪنهن نہ ڪنهن نئين آفَت يا نُقصَان ڏانهن سڏيندي آهي پوءِ ان جي ڌوڪي کان بچو. پوءِ فرمايائون: اي انسانو! ڇا توهان کي خبر آهي تہ منهنجو گهر ڪٿي آهي؟ ماڻهن چيو: اي الله عَزَّ وَجَلَّ جا نَبِي! اوهان جو گهر ڪاٿي آهي؟ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايائون: مسجدون منهنجي قيام گاهہ آهن، منهنجو بکايل رهڻ ئي منهنجي شِڪم سيري (پيٽ ڀري کائڻ) آهي، منهنجا پير منهنجي سُواري آهن، رات جو چمڪندڙ چنڊ منهنجو چِراغ (رَهنُما)

آهي، سَخت سياري جي راتين ۾ نَماز پڙهڻ منهنجو مَحبوب تَرِين عَمل آهي، منهنجو ڪاڌو خشڪ پن وغيره آهن، زمين جو گاهه ۽ ٻاجيون وغيره منهنجي لاءِ ميون (Fruits) وانگر آهن، انهن مان ئي جانورن کي خُوراڪ ملندي آهي، اها ئي سبزي ۽ نباتات مان کائيندو آهيان، منهنجو لِباس اُن آهي، الله عَزَّوَجَلَّ کا ڊڄڻ منهنجو شِعَار (علامت) آهي ۽ مَسڪين ۽ فُقَرا منهنجا وڏيڪ مَحبوب رَفِيق (دوست) آهن. مان صُبح هن حالت ۾ ڪندو آهيان جو مون وٽ دُنياوي شين مان ڪا شيءِ ناهي هوندي ۽ اهڙي ئي حالت ۾ شام ڪندو آهيان جو مون وٽ ڪا دُنياوي شيءِ ناهي هوندي پر پوءِ بہ مان هن ڳالهہ جي پَرواهہ ناهيان ڪندو تہ فُلاڻو شخص ايترو مال دار آهي. مان پنهنجي هن حالت ۾ پنهنجو پاڻ کي گهڻو خُوش قِسمَت ۽ گهڻو وڏيڪ غَنِي سمجهندوآهيان (يعني مان هن حال ۾ بہ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي رِضا تي راضِي آهيان). پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي باري ۾ اهو بہ بَيان ڪيو ويندو آهي تہ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام هڪ ئي اُن جي جُبّي ۾ پنهنجي زِندگيءَ جا 10 سال گذاري ڇڏيا، جڏهن اهو جُبّو ڪتان ڪان ڦاٽي پوندو هو تہ ان کي رَسِّي سان ٻَڌي ونندا هئا يا چتي لڳائيندا هئا. (عيون الحكايات، الحكاية الثامنةو التسعون من نصائح عيسي ـــ الخ، ١١٨/١)

رہوں مَست و بے خُود میں تیری وِلا میں
پلا جام ایسا پلا یا الٰہی
مِرے دِل سے دُنیا کی چاہت مِٹا کر
کر اُلفت میں اپنی فَنا یا الٰہی

(وسائل بخشش مرمم ،١٠٥)

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ ! ٻڌو اوهان تہ حضرت سَيِّدُنا عيسيٰ رُوحُ الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ڪيتري قَدَر سادَگي پسند، اِختِياري ڀُڪ ۽ اُڃ بَرداشت ڪرڻ ۽ زُهد ۽ قَناعَت اپنائڻ وارا، سَخت سَياري جي راتين ۾ بہ نمازون پڙهڻ کي پسند ڪرڻ وارا، خَوفِ خُدا سبب روئڻ ۽ فقيرن ۽ مسڪينن سان مَحبَّت ڪرڻ وارا ۽ مالدارن کان بي نِياز هئا. هاڻ اسان پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي مُبارَڪ زِندگي کي سامهون رکندي فڪر مدينہ يعني پنهنجو اِحتِساب ڪريون تہ ڇا اسان بہ سادگيءَ کي پسند ڪريون ٿا؟ ڇا اسان بہ سرديءَ گرميءَ ۾ بہ نمازن جو اِهتِمام ڪيون ٿا؟ ڇا اسان کي بہ ڪڏهن خَوفِ خُدا سبب روئڻ آيو؟ ڇا اسان بہ فُقَرا ۽ مسڪينن سان

مَحبَّت ڪيون ٿا؟ ڇا اسان بہ دُنيا جي مَحبَّت ڪان پري ڀڄون ٿا؟، ڇا اسان بہ پنھنجي اَندر فِڪرِ آخِرت جو جَذبو محسوس ڪيون ٿا؟ اللّٰہ تعاليٰ اسان کي اھڙي طرح فِڪرِ مَدِينہ ڪرڻ ۽ سُنّتن ڀرين اِجتِماعن ۽ مدني مذاڪرن ۾ پابندي سان حاضِر ٿي اللّٰہ وارن جو تَذڪرو ڪندي ۽ ٻُڌندي رهڻ جي توفِيق عطا فرمائي تہ جيئن ان جي بَرَڪت سان اسان باعمل بڻجي وڃون.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ حضرت سَيدُنا عيسيٰ عَلَيْہِ السَّلَام جي والِده ماجِده رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا هڪ باڪرامَت وَلِيّہ هيون ۽ اللّٰہ تعاليٰ اُنھن کي بہ ڪئي خاصِيتن (Specialities) کان نَوازيو هو. اچو! اسان بہ ان عظيم ماءُ جو مُختَصَر تَعَارُف ٻڌون ٿا، جيئن تہ:

## حضرت سَيدُنا عيسٰي عَلَيْہِ السَّلَام جي والِده جو تعارُف

حضرت سَيدُنا عيسيٰ عَلَيْہِ السَّلَام جي والِده جو نالو حضرت مَريم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا آهي، مَريم جي معنيٰ عابِده ۽ خادِمہ آهي. (تفسير بغوي، آل عمران،تحت الآية:٣٦،١/٢٢٧) حضرت مَريم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي والِد جو نالو عِمرَان ۽ والِده جو نالو حَنَّہ (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُما) هو. (عجائبُ القران مع غرائب القران،ص٦٥) حضرت مَريم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا مادَر زاد وَلِيّہ هيون. (صراط الجنان،١٠/٢٠٥)حضرت مَريم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي علاوه ڪنھن عَورَت جو نالو قُرآنِ ڪرِيم ۾ ناهي آيو.(صراط الجنان،١٠/٢٣١) حضرت مَريم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جَنّتي عَورَتن جون سَردار آهن، جيئن رَسُولُ اللّٰہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايائون: جَنّتي عَورَتن جون سَردار چار (4) عَورَتون آهن: (1) مَريم (2) فَاطِمَہ (3) خَدِيجہ ۽ (4) آسِيہ (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُنَّ اَجْمَعِین). (ڪنز العمال،ڪتاب الفضائل، الفصل الثالث في جامع مناقب النساء،١٢/٦٥،حديث: ٣٤٤٠١)

اعليٰ حضرت، اِمامِ اَهلسُنّت مَوْلانا شاھ اَحمد رضا خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: سَيدُنا عيسٰي ڪلِمَة اللّٰہ عَلٰی نَبِیِّنَا الْکَرِیْم وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالتَّسْلِیْم جي وِلادت کان پوءِ بہ حضرت بَتُول، طَيبہ، طاهره سَيدَتُنا مَريم (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا) بِڪر (ڪنواري) هيون، بِڪر (ڪنواري) ئي رهيون ۽ بِڪر (ڪنواري) ئي اٿنديون ۽ بِڪر (ڪنواري) ئي جَنَّتُ النَّعِيم ۾

داخِل ٿيندين ايستائين جو حُضور پُرنُور، سَيِدُالمُرسَلِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وَعَلَيۡهِمۡ اَجۡمَعِين جي نِڪاح اَقدَس سان مُشَرَّف ٿيندين۔ (فتاويٰ رضويه، ۴۶۰/۲۶)

اللہ کرم اِتنا گُنہ گار پہ فرما
جنّت میں پڑوسی مرے آقا کا بنادے

(وسائل بخشش مرمم، ۱۱۲)

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! ٻڌو اوهان ته! الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري نبي حضرت سَيدُنا عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي والِده ماجِده ڪيتري قَدَر بُلند همَّت ۽ عاليشان خاتون هيون جو، جن جون فضيلتون اَحاديثِ ڪرِيمه ۾ مَوجُود آهن ۽ جنهن ڪي جَنَّتُ النَّعِيم ۾ عيسيٰ جي آقا، مني مني مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زَوجِيت جو شَرَف حاصِل ٿيندو. ياڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جو شان ته ايتري قَدَر اَرفَع ۽ اَعليٰ آهي جو قُدرَتِ اِلٰهي جا مَظهر حضرت سَيدُنا عيسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام اجا سندن رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي پيٽ مبارڪ ۾ ئي تشريف فرما هئا ته اوهان رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي وُجُود شريف مان ڪرامتن جو ظُهور شُروع ٿي ويو، جيئن ته:

## شَجَرِ مَريم ۽ نهرِ جِبريل

شَيخُ الحَدِيث حضرت علاّمه عبدُالمُصطَفٰي اَعظَمِي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: حضرت (سَيدُنا) عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام حضرت بي بي مَريم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي پيٽ مان بغير پيءُ جي پيدا ٿيا، جڏهن ولادت جو وقت آيو ته حضرت بيبي مريم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا آبادي کان ڪجهه پري هڪ کجي جي سُڪل وڻ جي هيٺ اڪيلائي ۾ ويهي رهيون ۽ انهيءَ وڻ جي هيٺ حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي ولادت ٿي، جيئن ته پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام بغير پيءُ جي ڪنواري مريم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي شڪم مان پيدا ٿيا، انهيءَ ڪري حضرت مريم نهايت فڪرمند ۽ بيحد اداس هيون ۽ برو پلو چوڻ ۽ طعنا ملڻ جي خوف سبب ڳوٺ ۾ نه پئي آيون، ۽ هڪ سنسان زمين ۾ کجيءَ جي سُڪل وڻ جي هيٺ وينل هيون جتي کائڻ پيئڻ جو ڪو سامان به نه هو، اوچتو حضرت(سيدنا) جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام نازل ٿيا ۽ پنهنجي کڙي زمين تي هڻي هڪ نهر جاري ڪري ڇڏي ۽ اوچتو کجيءَ جو سڪل وڻ سرسبز ٿي پڪل ميوو آندائين ۽ حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام حضرت مريم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا کي سڏي انهن سان

ائين گفتگو فرمايائون:

فَنَادٰىهَا مِنْ تَحْتِهَاۤ اَلَّا تَحْزَنِیْ قَدْ جَعَلَ رَبُّكِ تَحْتَكِ سَرِیًّا ﴿۲۴﴾ وَ هُزِّیْۤ اِلَیْكِ بِجِذْعِ النَّخْلَةِ تُسٰقِطْ عَلَیْكِ رُطَبًا جَنِیًّا ﴿۲۵﴾ فَكُلِیْ وَ اشْرَبِیْ وَ قَرِّیْ عَیْنًا ۚ

(پ 16، مريم: 24، 26)

ترجموڪنزالايمان: آواز آيو ان جي هيٺين پاسي کان ته غم نه ڪر بيشڪ تنهنجي رب تنهنجي هيٺان هڪ نهر جاري ڪئي آهي ۽ کجي جي ٿڙ کي وٺي پاڻ ڏي لوڏو ڏي ته تو تي تازي پڪل کجور ڪرندي پوءِ کاءُ ۽ پيءُ ۽ اکيون ٺار.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سڪل وڻ ۾ ميوو لڳڻ ۽ نهر جو اوچتو جاري ٿيڻ بيشڪ اهي ٻئي حضرت مريم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا جون ڪرامتون آهن، حضرت بيبي مريم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا جڏهن ننڍڙيون هيون ۽ بيت المقدس جي محراب ۾ عبادت (Worship) ڪنديون هيون ته بنا ڪنهن محنت جي اتي بغير مند جي ميوا ملندا هئا، پر حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي پيدائش کان پوءِ پڪل کجيون ته حضرت مريم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا کي ضرور مليون پر خداوند تعاليٰ جو حڪم ٿيو ته کجيءَ جون پاڙون لوڏ تڏهن کجيون ملنديون، هن مان اهو سبق مليو ته ماڻهو جيستائين صاحب اولاد ناهي ٿيندو ان کي بنا محنت جي به روزي ملي ويندي آهي ۽ ڪٿي نه ڪٿي ڪائي پي ويندو آهي، پر جڏهن انسان اولاد وارو ٿيندو آهي ته ان تي لازم آهي ته محنت ڪري روزي حاصل ڪري، ڏسو حضرت مريم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا جيستائين اولاد واريون نه هيون ته بنا محنت ۽ مشقت جي انهن کي عبادت جي جاءِ (محراب) ۾ ميون جي روزي ملندي هئي، پر جڏهن انهن جا پٽ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام پيدا ٿيا ته هاڻي رب جو اهو حڪم ٿيو ته کجي جي وڻ کي لوڏو ڏي ۽ محنت ڪر ۽ ان کان پوءِ کجيون ملنديون. (عجائب القرآن، ص١٦٨)

اب تک اَولاد سے جو ہیں محروم اُن کی بھر گود اے ربِّ قَیُّوم

سب کو رحمت کی اپنی عطا کی میرے مولیٰ تو خیرات دیدے

(وسائل بخشش مرمم، ١٢٨)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هيٺئر جيڪو واقِعو اسان ٻڌو هي واقِعو دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينه جي ڪتاب"عَجائبُ القُرآن مَعَ غَرائِب

القُرآن“ مان بيان ڪيو ويو آهي. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ ان جي عِلاوه بہ نصيحت ۽ عِبرت جي مَدَني گلن سان مَعمُور ڪيئي دِلچسپ قُرآني واقِعا ۽ بيون حِڪايتون (Parables) مَوجُود آهن .

## رسالو”بيٹے کو نصيحت“جو تعارف:

منا منا اسلامي ڀائرو! نماز ۽ زڪٰوت جي ادائيگي، والدين سان حسن سلوڪ ۽ فڪر آخرت جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي رسالي ”**بيٹے کو نصيحت**“ جو مطالعو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ گهڻو مفيد ثابت ٿيندو. هي رسالو حجّة الاِسلام حضرت سيّدنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي هڪ عربي تصنيف جو اردو ترجمو آهي. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن رسالي ۾ حصول علم ۽ مطالعي جو مقصد، مرشد جي اهميّت ۽ ضرورت، ڪامل پير جا 26 اوصاف، رياڪاري ۽ ان جو علاج، علم تي عمل جي برڪت ۽ مختلف سبق آموز نصيحتون موجود آهن، تنهنڪري اڄ ئي مڪتبةُ المدينہ تان هن ڪتاب کي هديةً حاصل ڪيو ۽ ان جو مُطالعو پاڻ بہ ڪيو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ترغيب ڏياريو. هن ڪتاب کي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! يقيناً اَنبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي هر صِفت ۾ باڪمال هوندا آهن. اللّٰه تعاليٰ انهن کي اهڙن مُعجِزن ۽ ڪمالات سان سَرْفَراز فرمائيندو آهي جو عَقل حَيران ٿي ويندا آهن. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! اللّٰه جا پيارا نَبي حضرت سَيدُنا عيسيٰ رُوحُ اللّٰه عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي بہ اللّٰه تعاليٰ ڪثير مُعجِزا عطا ڪيا هئا ۽ ننڍپڻ کان ئي پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي ذات مان نُبُوّت جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا هئا. اچو! حضرت سَيدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي ننڍپڻ جو هڪ حَيرت اَنگيز واقِعو ٻڌو ۽ پنهنجو اِيمان تازو ڪريو، جيئن تہ

## ننڍپڻ شريف ۾ گفتگو ڪيائون!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن حضرت مريم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي هنج ۾ کڻي بني اسرائيل جي ڳوٺ ۾ آئي ته قوم پاڻ (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا) تي مَعَاذَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! بدڪاري جي تهمت هنئي ۽ ماڻهو چوڻ لڳا ته اي مريم! تو اهو برو ڪم ڪيو، جڏهن ته توهان جي والد ۾ ڪا خرابي نه هئي ۽ توهان جي امڙ به بدڪار نه هئي، بنا مڙس جي تو کي پٽ ڪيئن پيدا ٿيو؟ جڏهن قوم گهڻا طعنا ڏنا ۽ برو ڀلو چيو ته حضرت مريم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا ارشاد فرمايائون: توهان هن ٻار کان سڀ ڪجھ پڇي وٺو، ته ماڻهن چيو اسان هن ٻار کان ڇا ۽ ڇو ۽ ڪيئن گفتگو ڪنداسين؟ هي ته اڃا ٻار آهي، قوم جي اها ڳالھ ٻڌي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام بيان شروع ڪري ڏنو، جنهن جو ذڪر الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ ائين بيان فرمايو آهي:

قَالَ اِنِّیْ عَبْدُ اللّٰهِ ؕ اٰتٰىنِیَ الْكِتٰبَ وَ جَعَلَنِیْ نَبِیًّا ﴿۳۰﴾ وَّ جَعَلَنِیْ مُبٰرَكًا اَیْنَ مَا كُنْتُ ۪ وَ اَوْصٰنِیْ بِالصَّلٰوةِ وَ الزَّكٰوةِ مَا دُمْتُ حَیًّا ﴿۳۱﴾ وَّ بَرًّۢا بِوَالِدَتِیْ ٘ وَ لَمْ یَجْعَلْنِیْ جَبَّارًا شَقِیًّا ﴿۳۲﴾ وَ السَّلٰمُ عَلَیَّ یَوْمَ وُلِدْتُّ وَ یَوْمَ اَمُوْتُ وَ یَوْمَ اُبْعَثُ حَیًّا ﴿۳۳﴾ (پ 16، مريم:30 تا 33)

ترجموڪنزالايمان ٻار فرمايو مان آهيان الله جو ٻانهو، ان مون کي ڪتاب ڏنو ۽ مون کي غيب جون خبرون ٻڌائيندڙ (نبي) ڪيائين ۽ ان مون کي برڪت وارو ڪيو، مان ڪاٿي به هجان ۽ مون کي نماز ۽ زڪوٰة جي تاڪيد فرمايائين جيستائين جيئرو هجان، ۽ پنهنجي ماء سان چڱو سلوڪ ڪندڙ ۽ مون کي ڏاڍ ڪندڙ ۽ بدبخت نه ڪيائين، ۽ اها ئي سلامتي مون تي جنهن ڏينهن مان پيدا ٿيس ۽ جنهن ڏينهن مران ۽ جنهن ڏينهن جيئرو اٿاريو وڃان.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهو حضرت سيدنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو معجزو آهي جو پيدا ٿيندي ئي فصيح زبان ۾ اهڙي جامع تقرير ڪئي، هن تقرير ۾ سڀ کان پهريان پاڻ کي خدا جو ٻانهو چيو، ته جيئن ڪو ان کي خدا يا خدا جو پٽ نه چئي سگهي، ڇوته ماڻهو آئينده اوهان تي تهمت لڳائڻ وارا آهن ۽ اها تُهمت الله تعاليٰ تي لڳندي هئي، انهيءَ ڪري اوهان جي منصبِ رسالت جو اهو ئي تقاضو هو ته پنهنجي والده تي لڳندڙ تهمت کي پري ڪرڻ کان اڳ ۾ هن

تهمت ڪي پري ڪن جيڪا الله تعاليٰ تي لڳائي وڃڻ واري هئي. الله اڪبر! سچ آهي تہ خداوند قدوس جنهن کي نبوت جي شرف سان نوازيندو آهي يقيناً ان جي ولادت نهايت پاڪ ۽ صاف ۽ طاهر ٿيندي آهي ۽ ننڍپڻ کان ان جي نبوت جا اعليٰ آثار ظاهر ٿيڻ لڳندا آهن. (عجائب القرآن،١٧٠ ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيِدُنا عيسيٰ روحُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي گفتگو مان اسان کي اهو مَدَني گل بہ مليو تہ نَماز ۽ زڪوٰة جي ادائيگي ۽ والِده سان حُسنِ سُلُوڪ ڪرڻ نهايت ئي قديم عبادات ۽ انبياءِ ڪرام عَلَیہِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جو پسنديده طريقو رهيو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! اها اهڙي پياري عبادت آهي جو شَرِيعَتِ مُطَهره بہ اسان کي انهن شين جو حُڪم اِرشاد فرمايو آهي پر افسوس! هاڻي مسجِدون خالي ۽ بُرائي جا اڏا آباد نظر پيا اچن، زڪوٰة ڪڍڻ جي مُعَامَلي ۾ ٽال مَٽول کان ڪم ورتو پيو وڃي، زڪوٰة جا مُستَحِقّ دَر دَر تي ڌڪا کائڻ تي مَجبور آهن، اها امڙ جنهن جي قَدَمن هيٺ جَنّت آهي انهيءَ ماءُ (Mother) سان بَدسُلوڪي جو مُظَاهرو ڪيو پيو وڃي، مُسلمانن کي آخر ڇا ٿيو آهي؟ اسان جون مسجدون ٻيهر ڪڏهن کان آباد ٿينديون؟ ڪهڙي ڏينهن نَمازين ۾ اِضافو ٿيندو؟، ڪيستائين اٺين ئي زڪوٰة جي ادائيگي ۾ سُستِيون ٿينديون رهنديون؟ آخر اهو سِلسِلو ڪيستائين اٺين ئي هلندو رهندو؟

نمازوروزہ و حج وزکوٰۃ کی تَوفِیق عطاہواُمّتِ محبوب کو سَدایاربّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هونءَ تہ حضرت سَيِدُنا عيسيٰ رُوحُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي ذات مان وَقت بوَقت مُختَلِف مُعجِزن جو ظُهور ٿيندو رهيو پر ڪي مُعجِزا اهڙا بہ ظاهر ٿيا جو گهڻا وڌيڪ مَشهور ٿيا. اچو! اُن مُعجِزَن جو ڪجھ تَفصِيل پڙهون ٿا، جيئن تہ

## (1) پکي پيدا ڪرڻ:

جڏهن حضرت سَيِدُنا عيسيٰ رُوحُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام نَبُوّت جي دعويٰ ڪئي

www.dawateislami.net

۾ مُعجِزا ڏيکاريا تہ ماڻهن دَرخواست ڪئي تہ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام هڪ چمڙو (Bat) پيدا ڪري ڏيکاري. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام مٽي مان چمڙي جي صُورت ٺاهي پوءِ ان ۾ دم ڪيو تہ اهو اُڏامڻ لڳو. (خازن، اٰل عمران، تحت الآية: ۴۹،۱/ ۲۵۱)

”چَمڙي“ جي خُصُوصِيت هي آهي تہ اهو اڏامڻ وارن جانورن ۾ نهايت عجيب آهي ۽ قُدرَت تي دَلالت ڪرڻ ۾ ٻين کان وڌيڪ آهي ڇوتہ اهو بغير پَرن جي اڏامندو آهي، ڏند هوندا آهن، کلندو آهي، هن جي ماده ٻچو ڄڻيندي (پيدا ڪندي) آهي جڏهن تہ اُڏامڻ وارن جانورن ۾ اهي ڳالهيون ناهن هونديون. (جمل، اٰل عمران، تحت الآية: ۴۹،۱/ ۴۱۸،ملتقطاً)

## (2) ڪوڙھ جي مريضن کي شفاياب ڪرڻ:

حضرت سَيِّدُنا عيسيٰ رُوحُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ان مَريض کي بہ شِفا ڏيندا هئا جو جنهن جو بَرَص (هڪ مَرَض جنهن ۾ رت جي فَساد (خراب هئڻ) سبب جِسم تي سَفيد داغ تي پوندا آهن) بدن ۾ ڦهلجي ويو هجي ۽ طبيب ان جي عِلاج کان لاچار هجن، جيئن تہ حضرت سَيِّدُنا عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي زَماني ۾ طِبّ جو عِلم اِنتِهائي عُروج تي هو ۽ طِبّ جا ماهر عِلاج جي مُعَامَلي ۾ وڏي مَهارَت رکندا هئا ان ڪري اهڙي قِسم جا مُعجِزا ڏيکاريا ويا تہ جيئن مَعلوم ٿئي تہ طِبّ جي طريقن مان جنهن جو عِلاج مُمڪن نہ آهي ان کي تَندُرُست ڪرڻ يقيناً مُعجِزو ۽ نُبُوَّت جي دَليل (Proof) آهي. حضرت سَيِّدُنا وَهب بِن مُنَبِّہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جو قول آهي تہ حضرت سَيِّدُنا عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام وٽ مريضن جو ميڙ گڏجي ويندو هو، انهن مان جيڪو هلي سگهندو هو اهو خِدمت ۾ حاضر ٿيندو هو ۽ جنهن کي هلڻ جي طاقَت نہ هوندي هئي تہ ان وٽ پاڻ وڃي دُعا ڪري ان کي تَندُرست ڪندا هئا ۽ پنهنجي رِسالت تي اِيمان آڻڻ جو شَرط رکندا هئا. (خازن، اٰل عمران، تحت الآية: ۴۹، ۱/۲۵۱)

## (3) مُردن کي زندھ ڪرڻ:

حضرت سَيِّدُنا عَبدُالله بِن عبّاس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا فرمايائون:حضرت سَيِّدُنا عيسيٰ رُوحُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام چئن (4) شخصن کي زِنده ڪيو، (1) هڪ عازَر جنهن کي پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام سان مُخلِصانہ مَحبَّت هئي، جڏهن ان جي حالت نازڪ ٿي تہ ان جي

پيڻ اوهان کي اِطّلاع ڏياري موڪليو پر پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کان ٿن ڏينهن جي فاصلي تي هو. جڏهن پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام ٽن ڏينهن ۾ اتي پهتا ته معلوم ٿيو ته ان جي اِنتِقال کي ٽي ڏينهن ٿي چُڪا آهن. پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام ان جي ڀيڻ کي فرمايائون: اسان کي ان جي قَبر تي وٺي هل. اها وٺي وئي، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام الله تعاليٰ کان دعا گهري جنهن سبب عازَر حُڪمِ اِلٰهي سان زِندهه ٿي قبر مان ٻاهر نڪتو، هڪ عرصي تائين زِنده رهيو ۽ ان کي اولاد پڻ ٿيو. (2) ٻيو هڪ پوڙهيءَ مائي جو ڇوڪرو جنهن جو جَنازو حضرت سَيِّدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي اڳيان وجي رهيو هو، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام ان جي لاءِ دُعا گهري اهو زِندهه ٿي جَنازو کڻڻ وارن جي ڪنڌن تان لهي پيو،ڪپڙا پاتائون ۽ گهر آيو پوءِ زِندهه رهيو ۽ ان کي بہ اَولاد ٿيو. (3) ٽي هڪ ڇوڪري (Girl) هئي جيڪا شام جي وَقت مُئي ۽ الله تعاليٰ حضرت سَيِّدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي دُعا سان ان کي زِندهه ڪيو.(4) چوٿون سَام بِن نُوْح رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هئا جن جي وَفات کي هزارين سال گذري چڪا هئا. ماڻهن خَواهش ڪئي تہ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام انهن کي زندهه ڪريو!، پوءِ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام انهن جي نشاندهي سان قَبر تي پهتا ۽ الله تعاليٰ کان دُعا ڪئي. سام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ٻڌو تہ ڪو چوڻ وارو چئي رهيو آهي: اَجِبْ رُوْحَ الله (يعني حضرت عيسيٰ رُوحُ الله عَلَيْهِ السَّلَام جي ڳالهه ٻڌ) اهو ٻڌندي ئي هو خَوف زَدهه ٿي اتي بيهي رهيو ۽ انهن کي گمان ٿيو تہ قِيامت قائم ٿي وئي، جنهن جي دَهشَت سبب ان جي مٿي جا اڌ وار سَفيد ٿي ويا، پوءِ ان حضرت سَيِّدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي اِيمان آندو ۽ اُنهن حضرت سَيِّدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي درخَواست ڪئي تہ ٻيهر انهن کي سَڪراتِ موت جي تڪليف نہ ٿئي، ان جي بغير ان کي واپَس موٽايو وڃي پوءِ انهيءَ وَقت اُن جو اِنتِقال ٿي ويو. (تفسير جمل، آل عمران،تحت الآية: ۴۹، ۱/۴۱۹)

## (4) غيب جون خبرون ڏيڻ:

جب حضرت سَيِّدُنا عيسيٰ رُوحُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بيمارن کي چڱو ڀلو ڪيو ۽ مُردن کي زِندهه ڪيو تہ ڪن ماڻهن چيو هي تہ جادُو (Magic) آهي ٻيو

ڪو مُعجِزو ڏيکاريو، تہ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام فرمايائون تہ جيڪو توهان کائو ٿا ۽ جيڪو گڏ ڪري رکو ٿا مان ان جي توهان کي خَبَر ڏيان ٿو، تنهنڪري حضرت سَيِدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي دَستِ مُبارَڪ تي اهو مُعجِزو بہ ظاهر ٿيو تہ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام ٻڌائيندا هئا تہ جيڪو ڪجھ ان ڪلھ کاڌو هو ۽ جيڪو اڄ کائيندو ۽ جيڪو پوءِ واري وَقت جي لاءِ تيار ڪري رکيو آهي. پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام وٽ گهڻا ٻار گڏ ٿي ويندا هئا، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام اُنهن کي ٻڌائيندا هئا تہ توهان جي گهر ۾ فُلاڻي شيءِ تيار ٿي آهي، توهان جي گهر وارن فُلاڻي فُلاڻي شيءِ کاڌي آهي، فُلاڻي شيءِ توهان جي لاءِ بچائي رکي آهي، ٻار گهر ويندا هئا ۽ گهر وارن کان اها شيءِ گهرندا هئا. گهر وارا اها شيءِ ڏيندا هئا ۽ انهن کان پڇندا هئا توهان کي ڪنهن ٻڌايو؟ ٻار چوندا هئا: حضرت سَيِدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام، تہ ماڻهن پنهنجن ٻارن کي اوهان وٽ اچڻ کان روڪيو ۽ چيائون تہ اهي جادُوگر آهن. (تفسير قرطبي،آل عمران،تحت الآية:۴۹،۲/۷۴، الجزء الرابع،جمل،آل عمران، تحت الآية:۴۹،۱/۴۲۰، ملتقطاً)

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "يومِ تَعطِيل اِعتِڪاف"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ حضرت سَيِدُنا عيسيٰ رُوحُ الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي بي شُمار اِختِيارات سان نَوازيو هو، تڏهن تہ پاڻ الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان پکين کي پيدا، مُردن کي زِنده ۽ بَرَص (سَفيد داغ) وارن کي شِفا عطا ڪندا هئا ايستائين جو غيبي خَبَرون بہ اِرشاد فَرمائيندا هئا. اَفسوس تہ بُري صُحبتن ۾ ويهڻ جي ڪري ڪڏهن اِنسان اَنبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ اَولِياءِ عُظّام رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيهِم اَجمَعِين جي اِختِيارات جي مُعَامَلي ۾ شَيطاني وسوسن جو شِڪار ٿي مُعجِزن ۽ ڪرامتن جو اِنڪار ڪري هلاڪت ۽ بَربادي جي کَڏِي (Pit) ۾ وڃي ڪري پوندو آهي، تنهنڪري هميشہ بُري صُحبت کان بچو ۽ چڱن جي صُحبت ئي اِختِيار ڪريو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! شَيطان ناڪام ۽ نا مُراد ٿي ويندو. ياد رهي! عاشِقانِ رَسُول جي مَدَني تَحريڪ دعوتِ اسلامي سان وابَستہ ٿيڻ بہ سٺي صُحبت ماڻڻ جو بهترين ذَرِيعو آهي، تنهنڪر اوهان بہ هن مَدَني ماحول سان هر دم وابَستہ رهو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصّو وٺو. ذيلي

حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هفتيوار هڪ مدني ڪم ”يومِ تَعطِيل اِعتِڪاف“ بہ آهي. موڪل واري ڏينهن شهر جي ڪمزور ۽ قريبي علائقن ڳوٺن ۾ وجي اتي جي مسجدن کي آباد ڪرڻ سان گڏوگڏ مقامي عاشقان رسول کي نيڪيءَ جي دعوت ڏئي علم دين سکڻ سيکارڻ جي ترڪيب ڪئي ويندي آهي اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلّ يوْمِ تَعطِيل اِعْتِڪاف اسلامي ڀائرن کي سُنّتون، آداب ۽ مَدَني دَرس وغيره جو طريقو سيکارڻ جو بهترين ذريعو آهي يومِ تَعطِيل اِعتِڪاف جي بَرَڪت سان مسجِدون آباد ٿين ٿيون يومِ تَعطِيل اِعْتِڪاف جي بَرَڪت سان مسجد ۾ گذرندڙ هر هر لَمحو عِبادَت ۾ شُمار ٿيندو يومِ تَعطِيل اِعتِڪاف جي بَرَڪت سان مسجِد سان مَحَبَّت ڪرڻ ۽ ان ۾ پنهنجو گهٽي ڪان گهٽو وَقت گُذارڻ جي فضيلت حاصل ٿيندي. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلّ پنهنجو گهٽو وَقت مسجد ۾ گذارڻ جي بہ ڇا خوب فضيلت آهي....

حضرت سَيدُنا ابُو سَعِيد خُدرِي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنۡه کان روايت آهي تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جڏهن توهان ڪنهن شخص کي ڏسو تہ هو مسجد ۾ ڪثرت سان اچ وڃ رکڻ وارو آهي تہ ان جي اِيمان جي گواهي ڏيو ڇوتہ الله عَزَّوَجَلّ سيپاري 10، سُورَةُالتَّوۡبَه آيت نمبر 18 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّمَا يَعۡمُرُ مَسٰجِدَ اللّٰهِ مَنۡ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ الۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ وَاَقَامَ الصَّلٰوةَ وَاٰتَى الزَّكٰوةَ (پ ۱۰ ،التوبه :۱۸)

**ترجموڪنزالايمان:** الله جُون مسجدُون تہ فقط اُهي ئي آباد ڪندا آهِن جيڪِي الله ۽ قِيامَت تي اِيمان رکن ۽ نماز قائم ڪندا آهِن ۽ زڪوات ڏيندا آهِن

(ترمذي ، ڪتاب الايمان ، با ب ماجا ء في حرمة الصلوة ،۲۸۰/۴،رقم: ۲۶۲۶)

حديث پاڪ جي هن حصي (تہ ان جي ايمان جي گواهي ڏيو) جي تحت مشهور مفسر قرآن، مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ: ڇو جو هي شيون ايمان جون علامتون آهن. خيال رهي تہ هي گواهي اهڙي آهي جيئن ڪهن جو لباس ۽ شڪل ڏسي اسان ان کي مؤمن چوندا آهيون. گواهي مان مراد قطعي فيصلو ناهي. (مفتي صاحب مزيد فرمائن ٿا) هتي مسجد جي آبادي ۾ مسجدن کي چراغان ڪرڻ، ان کي سينگارڻ سڀ داخل آهي. (مرآة المناجيح، ج. 1، ص. 444 ۽ 445)

www.dawateislami.net

اچو! ترغيب طور هڪ مَدَني بهار ٻڌون ٿا.

## مان پتنگ بازي(لغڙ اڏائڻ) جو شوقين هئس!

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي اڳوڻي زِندگي گُناهن ۾ گذري رهي هئي، پتنگ بازي(لغڙ اڏائڻ) جو بہ شوقين هو، ويڊيو گيمز ۽ بلوررانڊ کيڏڻ وغيره ان جي عادتن ۾ شامل هو. هر هڪ جي مُعامَلي ۾ ٽنگ اَڙائڻ، ماڻهن سان جهيڙو ڪرڻ، ڳالهہ ڳالهہ تي ڪٽ ڪرڻ جهڙين بُرائين ۾ گِرِفتار هو. خُوش قسمتي سان هڪ اسلامي ڀاءُ جي اِنفِرادي ڪوشِش تي هو رَمَضانُ المُبَارَڪ جي آخري عَشَري ۾ پنهنجي عَلائقي جي مسجد ۾ اعتڪاف ڪيو، جتي ان کي سنا سنا خواب نظر آيا ۽ گهڻو سُڪون مليو. ان ڪان پوءِ ان وڌيڪ 2 سال اعتڪاف جي سَعَادَت حاصِل ڪئي. هڪ ڀيري ان جي مسجِد جي مُؤَذِّن صاحِب اِنفِرادي ڪوشِش ڪري اُن کي تبليغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تَحريڪ دعوتِ اسلامي جي عالَمي مَدَني مرڪز فَيضانِ مدينہ(باب المدينہ ڪراچي) ۾ هفتيوار سُنّتن ڀري اِجتِماع ۾ وٺي آيو. هڪ مُبَلِّغ دعوتِ اسلامي سُنّتن ڀريو بَيان ڪري رهيا هئا جيڪي سفيد لِباس ۽ ناسيَ چادر ۾ هئا، چهري تي هڪ مٺ ڏاڙهي ۽ مٿي تي سبز سبز عِمامي شريف جو تاج سجايل هو. اهڙو بارونق چهرو ان زِندگي ۾ پهريون ڀيرو ڏٺو هو. مُبَلِّغ جي چهري جي ڪشِش ۽ نُورانيت ان جي دل ڪٽي ورتي ۽ هو دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي ويو. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اُن هڪ مُٺ ڏاڙهي بہ سجائي ورتي آهي.

بگڑے اَخلاق سارے سَنوَر جائیں گے　　مَدَنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف
جامِ عشقِ محمد بھی ہاتھ آئے گا　　مَدَنی ماحول میں کرلو تم اِعتِکاف

(وسائل بخشش مرمم،ص۶۴۰-۶۴۱)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو! الله تعاليٰ رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي بہ

بيشمار معجزا عطا فرمايا هئا بلڪ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معجزن جي تعداد حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي معجزن کان وڌيڪ هئي. اچو! ڪجهه معجزن جي متعلق پڙهون ٿا. جيئن ته

## حضرت عيسيٰ ۽ عيسيٰ جي به آقا جا معجزا

حضرت سيدنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام مردن کي زندهه ۽ انڌن کي اک وارو ۽ ڪوڙهه وارن (اڇي داغ وارن) کي صحيح ڪري ڇڏيندا هئا. جڏهن ته رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به مردن کي زندهه ڪرڻ ۽ انڌن کي اک وارو ۽ ڪوڙهين کي صحيح ڪيائون. جڏهن خيبر فتح ٿيو ته اتان جي هڪ غير مسلم عورت پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي زهر وارو ٻڪري جو گوشت هديةً موڪليو، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻڪري جي ٻانهن ڪنئي ۽ ان مان ڪجهه کاڌو اها ٻانهن چوڻ لڳي ته مون ۾ زهر وڌو ويو آهي. (شرح زرقاني، المقصد الاول، ج. 3، ص. 290)

هي مردي کي زنده ڪرڻ کان به وڌيڪ آهي، ڇو ته هي ميّت جي هڪ حصي جو زنده ٿيڻ آهي حالانڪ ان جو بقيه جيڪو ان کان الڳ هو ۽ مرده ئي هو .

اک دل ہمارا کیا ہے آزار اس کا کتنا　　تم نے تو چلتے پھرتے مردے جِلا دیئے ہیں

(وسائل بخشش، ص. 101)

**شعر جي وضاحت:** يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجي غمن کي دور ڪرڻ ته اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ معمولي ڳالهه آهي ڇو ته اوهان ته هلندڙ ڦرندڙ مُردن کي زندهه فرمائي ڇڏيندا آهيو ته منهنجي دل ڪهڙي شيءِ آهي .

حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جن مٽي مان پکي ٺاهيا جڏهن ته غزوه بدر ۾ حضرت سيدنا عُڪاشه بن محصن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي تلوار ٽُٽي وئي ته منهنجي آقا نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي هڪ خشڪ ڪاٺي عطا فرمائي جڏهن اُنهن پنهنجي هٿن ۾ ڪٺي ڪري لُڏائي ته اها اڇي مضبوط ڊگهي تلوار بڻجي وئي. (شرح زرقاني، المقصد الاول، ج. 2، ص. 301) (سيرت رسول عربي، ص. 552 تا 559)

جن کے تلووں کا دھوون ہے آبِ حیات ہے وہ جانِ مسیحا ہمارا نبی

**مختصر وضاحت:** رسولِ پاڪ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ قدمن جو غسالو آبِ حيات کا بهتر آهي اسان جي نبي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم زندگي ڏيڻ وارن کي بہ زندگي ڏيندا آهن، مسيحن جي حيات بہ اوهان صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صدقي آهي .

ہے لبِ عیسیٰ سے جاں بخشی نِرالی ہاتھ میں
سنگریزے پاتے ہیں شیریں مقالی ہاتھ میں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيِّدُنا عيسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام جي مُبارَڪ زِندگي جي روشن پهلوئن مان هڪ روشن تَرين پهلو هي بہ هو تہ پاڻ عَلَیْہِ السَّلَام جون پاڪيزه نِگاهون اسان وانگر خاميون ۽ عيب ڳولڻ ۾ مشغول نہ رهنديون هيون جو اسان کي تہ جاندار يا بي جان شين ۾ خامِيون ۽ عيب ۽ نقص جي عِلاوه ڪجھ نظر ئي ناهي ايندو. پاڻ عَلَیْہِ السَّلَام تہ اهي عظيم پيغمبر هئا جو بي زبان جانورن جي باري ۾ بہ بُري ڳالھ کان هميشہ پنهنجي زبان کي مَحفوظ رکندا هئا، جيئن تہ:

## مئل ڪتي جي بُرائي ڪان بہ بچو

شَيخِ طَرِيقَت، اَمِيرِ اَهلسُنّت حضرت علاّمہ مَولانا ابُو بِلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ پنهنجي تَصنِيف "غِيبَت جون تَباه ڪارِيون" صَفحي نَمبر 275 تي فرمائن ٿا: حضرت سَيِّدُنا مالِڪ بِن دِينار رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: حضرت سَيِّدُنا عيسيٰ رُوحُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام هڪ مُئل ڪتي وٽان وٽان لنگهيان تہ حوارين عرض ڪيو تہ "هي ڪُتو ڪيترو تہ بدبودار آهي! حضرت سيّدنا عِيسيٰ روحُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام فرمايو تہ ان جا ڏند ڪيترا تہ اڇا آهن؟ جڏهن تہ پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ان مُردار ڪتي جي غيبت کان بہ مَنَع فرمايو ۽ انهن

www.dawateislami.net

کي خبردار ڪيو تہ بي زبان جانورن جي بہ خوبي جو ئي ذڪر ڪرڻ گهرجي.
(إحياءُ الْعُلوم، كتاب آفات اللسان، ٣ / ١٧٧)

حُسنِ اَخلاق ملے بِھیک میں اِخلاص ملے اِک بِھکاری ہے کھڑا آپ کے دَربار کے پاس
(وسائل بخشش مرمم ، ص ٢٣٦)

## مَجلِس مڪتبة المدينہ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ حضرت سَيِدُنا عيسيٰ رُوحُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو اَخلاق ڪيترو پيارو هو جو اِنسانن سان گڏوگڏ جانورن (Animals) سان بہ بَدسُلوڪي ڪان بچندا هئا تہ سوچيو! تہ پوءِ اَخلاقِ مُصطَفٰي جو عالَم ڇا هوندو جو جنهن سان مُتَاثّر ٿي ڪئي غير مُسلمن اِسلام قَبُول ڪيو. اي ڪاش تہ اسان بہ انهن مَعصُوم هستِين جي صدقي حُسنِ سُلُوڪ جو گُر سکڻ ۽ بَد اَخلاقي ڪان جان ڇڏائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون. حُسنِ اَخلاق جو پيڪر بڻجڻ جو هڪ طَرِيقو فَيضانِ اَنبِيا ۽ اَولِيا سان مالامال عاشِقانِ رَسُول جي مَدَني تَحريڪ دعوتِ اسلامي سان وابَسْتَہ ٿيڻ بہ آهي. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشِقانِ رَسُول جي مَدَني تَحريڪ دعوتِ اسلامي104 شُعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌُومون مچائڻ ۾ مَصروف آهي، جن مان هڪ شعبو مجلس مڪتبة المدينہ بہ آهي. شيخ طريقت، اميرِ اهلسُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جو آغاز ١۴٠٦ھ بمطابق 1986ء ۾ فرمايو ۽ سڀ ڪان پهريان بيانن جون آڊيو ڪيسٽون جاري ڪيون ويون. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مڪتبة المدينہ ان مختصر عرصي ۾ جيڪا ترقي ڪئي اها پنهنجو مثال پاڻ آهي، هن مُختَصَر عرصي ۾ مڪتبة المدينہ تان جتي سُنّتن ڀريا بيان ۽ ميموري ڪارڊز سڄي دُنيا ۾ پهچي رهيا آهن، اتي سَرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه، اميرِ اَهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ۽ اَلْمَدِينَةَ الْعِلْمِية جا ڪتاب بہ ڇپجي لکن جي تعداد ۾ عوام جي هٿن ۾ پهچي سُنتن جا گُل مهڪائي رهيا آهن. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مڪتبة المدينہ جا هن وقت تائين گهٽ وڌ 45 ذيلي شعبا قائم ٿي چڪا آهن

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دُھوم مچی ہو!
(وسائلِ بخشش مرمم،ص٣١٥)

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قِيامت جون نشانيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رهي! هن وَقت حضرت سَيدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ٻئي آسمان تي زِنده آهن ۽ قُربِ قِيامت ۾ صاحِبِ جُودو نَوال، رَسُولِ بي مِثال صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا اُمَّتِي بڻجي تشريف وٺي ايندا. جيئن تہ سَيدِ عالَم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرْشاد فرمايائون: حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام منهنجي اُمَّت تي خَلِيفا ٿي نازِل ٿيندا. (مدارک، اٰل عمران، تحت الآية: ٥٥، ص ١٦٣) حضرت سَيدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي نازل ٿيڻ کان اڳ ۾ قِيامت جون ڪجھ نِشانيون بہ ظاهر ٿينديون جيئن تہ،

صَدرُ الشَّرِيعَہ، بَدرُ الطَّرِيقَہ حضرت علّامہ مَوْلانا مُفتي محمد امجد علي اَعظَمِي رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: دُنيا جي فَنا ٿيڻ کان اڳ ۾ ڪجھ نشانيون ظاهر ٿينديون. عِلم کنيون ويندو. جهل (بي عِلمي) جي ڪثرت ٿيندي. بدڪاري جي زِيادَتي هوندي، دِين تي قائم رهڻ ايترو دُشوار هوندو جيئن مُٺ ۾ ٽانڊو ڪٽڻ، زڪوٰة ڏيڻ ماڻهن تي دُشوَار ٿي پوندو جو ان کي تاوان (جُرمانو) سمجهندا. مَرد پنهنجي عورت جو مُطِيع (فرمانبردار) هوندو. ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪندو. گانن باجن جي ڪثرَت ٿيندي. دَجّال ظاهر ٿيندو، چاليھ (40) ڏينهن ۾ حرمَينِ طيبين جي سوا تمام رُوءِ زمين جو گشت (دورو) ڪندو. ان جو فتنو گهڻو شديد هوندو، اهو خدائيءَ جو دعويٰ ڪندو، جيڪو اُن تي ايمان آڻيندو ان کي پنهنجي جنت ۾ وجهندو ۽ جيڪو انڪار ڪندو ان کي جهنم ۾ داخل ڪندو، ڪوڙ شُعبدا (يعني نظر بندي جا تماشا) ڏيکاريندو ۽ حقيقت ۾ اهي سڀ جادوءَ جا ڪرشما هوندا جِن کي واقِعِيّت(حقيقت) کان ڪجھ تَعَلُّق ناهي. پوءِ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام آسمان تان جامِع مسجِد دِمَشق جي شَرقي ميناري تي نازل ٿيندا، لَعِين (مَردُود) دَجّال،حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ساهہ جي خُوشبو سبب پگهرڻ شُروع ٿيندو،

www.dawateislami.net

جيئن پاڻي ۾ لوڻ (Salt) ڳرندو آهي، پاڻ (عَلَيْهِ السَّلَام) ان جي پني ۾ نيزو هڻندا، ان سبب اهو واصِلِ جهنَّم ٿيندو. (بهار شريعت،۱/۱۱۶تا۱۲۲ ملتقطاً)

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بَيان جو خُلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي هن هفتيوار سُنّتن ڀري اِجتِماع ۾ اسان ٻڌو ته

- حضرت سَيِدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام زِنده آهن ۽ قُربِ قِيامت ۾ تشريف ڪٽي ايندا.
- حضرت سَيِدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام سادگي پسند ۽ زُهد و قَناعَت اِختيار ڪيل هئا.
- حضرت سَيِدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي والِده جنّتي عَورتن جي سَردار آهن.
- حضرت سَيِدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي والِده کي جَنَّتُ النَّعِيم ۾ مالڪ ڪوثر ۽ جَنّت، شمعِ بزمِ هدايت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زَوجِيت جو شَرَف حاصِل ٿيندو.
- حضرت سَيِدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام پيدا ٿيندي ئي ڪلام فرمايائون پنهنجي بندگي ۽ والِده جي پاڪدَامَني جي گواهي ڏني.
- حضرت سَيِدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام پکين کي پيدا، مُردُن کي زِنده ۽ بَرَص جي مَرِيضن کي شِفا ياب فرمايائون.
- حضرت سَيِدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جانورن جو ذِڪر بہ سٺن لفظن سان ڪندا هئا.
- حضرت سَيِدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي زبان کي هميشہ بُري ڳالهين کان محفوظ رکيو.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو !بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيءِ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

سينہ تِری سُنّت کا مدینہ بنے آقا جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب ! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڳالھ ٻولھ ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو شيخ طريقت،امير اهلسُنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي رسالي ”101 مَدَنی پُھول“ مان ڳالھ ٻولھ جي حوالي سان ڪجھ سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا: مسڪرائي ۽ خوش اخلاقيءَ سان ڳالھ ٻولھ ڪيو مسلمانن جي دلجوئي جي نيّت سان ننڍن سان شفقت وارو ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو اختيار ڪيو. رڙيون ڪري ڳالهائڻ کان ڪجھ احتياط ڪيو. ڪٽي هڪ ڏينهن جو ٻار هجي سنين سنين نيتن سان ان سان بہ اوهان توهان سان گفتگو ڪرڻ جي عادت بڻايو، اوهان جا اخلاق بہ اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ سنا ٿيندا ۽ ٻار بہ ادب سکندو. ڳالھ ٻولھ ڪرڻ وقت پردي جي جاءِ تي هٿ لڳائڻ، آڱرين سان بدن تان مير لاهڻ، ٻين جي سامهون بار بار نڪ کي هٿ لڳائڻ يا نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿُڪندو رهڻ سٺي ڳالھ ناهي جيستائين ٻيو ڳالهائي رهيو هجي تہ اطمينان سان ٻُڌو، ان جي ڳالھ ڪٽي پنهنجي شروع ڪرڻ سنت ناهي گهٽيون ڳالهيون ڪرڻ ۽ بار بار ٺهڪ ڏيڻ سان رعب ختم ٿي ويندو آهي ڪنهن سان ڳالھ ٻولھ ڪجي تہ ان جو ڪو صحيح مقصد بہ هئڻ گهرجي ۽ هميشہ مخاطب جي ظرف ۽ ان جي نفسيات جي مطابق ڳالھ ڪئي وڃي. بدزباني ۽ بي حيائي جي ڳالهين کان هر وقت پرهيز ڪريو، گارگند کان بچندا رهو ۽ ياد رکو تہ ڪنهن مسلمان کي بنا اجازتِ شرعي گار ڏيڻ حرامِ قطعي آهي. (فتاوٰی رضویہ ، ۲۱/۱۲۷) ۽ بي حيائي جي ڳالھ

ڪرڻ واري تي جنّت حرام آهي. تاجدار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”اُن شخص تي جنت حرام آهي جيڪو فُحش گوئي (بي حيائي جي ڳالھہ) ڪان ڪم وٺي ٿو.“. ( كتابُ الصَّمْت مع موسوعةالامام ابن ابی الدنيا، ٢٠۴/٧ حديث: ٣٢٥ )

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مكتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب“**سنتيں۽آداب**” ان ڪان علاوه شيخ طريقت امير اهلسنت دامت بركاتهم العاليه جا ٻہ رسالا 101مدني پهول ۽ 163 مدني پهول مكتبة المدينہ جي بستي تان هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کا کرتا ہوں پَرْوَرْدگار سُنّتوں کی تَرْبِیَت کے قافِلے میں بار بار

(وسائل بخشش مرمم،ص۶۳۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.(2)

---

1...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

### (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

### (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(3)

---

1...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

2...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3...القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَاللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

### (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net